# پَيدائِش جو ڪِتابُ

## مُوسيٰ جو جوڙِئلُ

---

لُنڊُن شهر منجهِ

ڇپِيو

١٨٧٢

# پَيدائِش جو ڪِتابُ
# مُوسيٰ جو جوڙِئلُ

## بابُ پِهريُون

مُنڍِ ۾ خُدا آسمان ۽ ڌرتي پَيدا ڪئي (٢) ۽ ڌرتي ٻي ٻَول ۽ سکڻي
هُئي ۽ اُونهائِئ جي مُنه تي اُوندهِ هُئي ۽ خُدا جو رُوحُ پاڻِئ جي مُنه تي
پي چريو ⁘
(٣) ۽ خُدا چَيو ڪِ سوجهِرو ٿِئي تہ سوجهِرو ٿِي پِيو (٤) ۽ خُدا سوجهِري کي
ڏِٺو تہ چڱو آهي ۽ خُدا سوجهِري کي اُوندهِ کان ڌار ڪيو (٥) ۽ خُدا سوجهري
کي ڏِينهُ چَيو ۽ اُوندهِ کي راتِ چَياءِ اِئي سانجهي ۽ صُبُوحُ ٿِي پِهريُون
ڏِينهُ ٿِيو ⁘
(٦) ۽ خُدا چيو تہ پاڻِنِ جي وِچ۾ پورُ ٿِئي تہ اُهو پاڻِئ کي پاڻِئ کان ڌار
ڪري (٧) ۽ خُدا پور کي جوڙِيو ۽ پور جي هيٺِئُنِ پاڻِنِ کي پور جي مٿين
پاڻِنِ کان ڌار ڪيو سو اُونئِيءِ ٿِيو (٨) ۽ خُدا تنهِ پور کي آسمانُ چيو اِئي
سانجهي ۽ صُبُوحُ ٿِي ٻِيو ڏِينهُ ٿِيو ⁘
(٩) پوءِ خُدا چيو تہ پاڻِي جو آسمان هيٺِ آهي سو هِڪڙي هنڌِ گڏُ ٿِئي

۽ سُڪي پڌرِي ٿِئي سو اُونئِيئِ ٿِيو (۱۰) ۽ خُدا سُڪِيءَ کي ڌرتِي چَيو ۽
گڏُ ٿِيل پاڻيءَ کي سمُنڊُ ۽ خُدا ڏِٺو ته چڱو آهي (۱۱) ۽ خُدا چيو ته ڌرتِي گاهه
کي ۽ جو ساڳُ ٻِجُ ٿو ڪري تنهِ کي ۽ ڦَروارو وڻُ جو پنهنجي ذاتِ سارُو ڦرُ
ٿو ڪري ته جنِ جا ٻِجُ ڌرتِيءَ تي پاڻ ۾ تا ٿِئنِ تنهِ کي اُپرائي سو اُونئِيئِ ٿِيو
(۱۲) تڏهِ ڌرتِيءَ گاهه کي ۽ جو ساڳُ پنهنجي ذاتِ سارُو ٻِجُ ٿو ڪري تنهِ کي
۽ جيڪو وڻُ ڦرُ ٿو ڪري ته جِنهنجا ٻِجُ پنهنجي ذاتِ سارُو پاڻ ۾ تا ٿِئنِ تنهِ
کي اُپرايو ۽ خُدا ڏِٺو ته چڱو آهي (۱۳) اِئين سانجهي ۽ صبُوحُ ٿِي ٽِئو ڏِينهُ ٿِئو ∴
(۱۴) ۽ خُدا چَيو ته آسمان جي پور ۾ سوجِهرا ٿِئنِ ته ڏِينهه کي راتِ کان
ڌار ڪنِ ۽ اُهي نِشانن ۽ مُندن ۽ ڏِينهن ۽ ورهن لاءِ ٿِئنِ (۱۵) ۽ اُهي آسمان
جي پور منجهه سوجِهري لاءِ هُجنِ تان ته ڌرتِيءَ تي سوجِهرو ڪنِ سو اُونئِيئِ
ٿِيو (۱۶) ۽ خُدا ٻنِ وڏنِ سوجِهرنِ کي ٺاهيو ته وڏو سوجِهرو ڏِينهه تي حُڪُومت
ڪري ۽ ننڍو سوجِهرو راتِ تي حُڪُومت ڪري ۽ تارنِ کي بِه جوڙيائين (۱۷) ۽
خُدا تِن کي آسمان جي پور ۾ رکيو ته ڌرتِيءَ تي سوجِهرو ڪنِ (۱۸) ۽ ڏِينهه
۽ راتِ تي حُڪُومت ڪنِ ۽ سوجهري کي اُونده کان ڌار ڪنِ ۽ خُدا ڏِٺو
ته اِهو چڱو آهي (۱۹) اِئين سانجهي ۽ صبُوحُ ٿِي چوٿون ڏِينهُ ٿِئو ∴
(۲۰) ۽ خُدا چَيو ته پاڻي سُرندڙنِ جِيوَنِ سان پرجي وڃي ۽ پکي ڌرتِيءَ
جي مٿان آسمان جي پور ۾ اُڏامنِ (۲۱) ۽ خُدا وڏنِ مانگر مڇنِ کي ۽

سيڪنھِ سُرندڙ جِيو کي جنِ سان سندنِ ذاتِ سارُو پاڻِي ڀريو پيو آھي تنِ
کي ۽ سيڪنھِ کنبَ واري پکيءَ کي سندن ذاتِ سارُو پَيدا ڪيو ۽ خُدا ڏِٺو
تہ چڱو آھي (٢٢) ۽ خُدا تنِ کي برڪت ڏيئي چيو تہ ڦرجو ۽ وڌو ۽ سمُنڊ
جي پاڻِيءَ کي ڀريو ۽ پکي ڌرتِيءَ تي گھڻا ٿِئنِ (٢٣) اِئي سانجھي ۽ سوُرُ ٿِي
پنجُون ڏِينھُ ٿِيو ::
(٢٤) ۽ خُدا چيو تہ ڌرتِي جِيونِ کي سندنِ ذاتِ سارُو تہ ڍورَ ۽ سُرندڙ جِيو
۽ جھنگ جا مِرُون پھنجي پھنجي ذاتِ سارُو پَيدا ڪري سو اُونئِيءَ ٿِيو
(٢٥) ۽ خُدا جھنگ جا مِرُون ۽ ڍور ۽ ڌرتِيءَ جا سڀ سُرندڙ جِيو پھنجي
پھنجي ذاتِ سارُو پَيدا ڪيا ۽ خُدا ڏِٺو تہ چڱو آھي ::
(٢٦) ۽ خُدا چيو تہ اسِ ماڻھوءَ کي پھنجي شِڪل تي پاڻ جھڙو پَيدا ڪريُون
تہ اُھي سمُنڊ جي مڇيُنِ ۽ آسمان جي پکيُنِ ۽ ڍورنِ ۽ جيڪي سڄِيءَ ڌرتِيءَ
تي سُرنِ تا تنِ سڀِني تي راڄُ ڪنِ (٢٧) تڏھِ خُدا ماڻھوءَ کي پھنجي شِڪلِ
سارُو پَيدا ڪيو يعني خُدا جي شِڪلِ تي جوڙياڻِيس ۽ نرُ ماد ڪري تنِ
کي پَيدا ڪياءِ (٢٨) ۽ خُدا تنِ کي برڪت ڏيئي چيو تہ ڦرجو ۽ وڌو ۽ ڌرتِيءَ
کي ڀريو ۽ اُھا پاڻ وھيٽِي ڪريو ۽ سمُنڊ جي مڇيُنِ تي ۽ آسمان جي پکيُنِ
تي ۽ جيڪي جِيو ڌرتِيءَ تي سُرنِ تا تنِ سڀِني تي حُڪُومت ڪريو ::
(٢٩) ۽ خُدا چيو تہ ڏِسو تہ سيڪو ٻِجوارو ساڳُ جو سڄِيءَ ڌرتِيءَ تي آھي

۽ سڀڪو وڻُ جنهِ ۾ ٻج وارو ڦرُ آهي سو اوهانکي کائڻ لاءِ ٿو ڏِيان (۳۰) ۽ جهنگ
جي سڀني مِرنِ کي ۽ آسمان جي سڀني پکيُنِ کي ۽ ٻيا سڀيئي جي ڌرتِئِ
تي سُرنِ ٿا تہ جنِ ۾ جياپو آهي تنِ کي مِريائِي ساوڪ کائڻ لاءِ ٿو ڏِيان سو
اُونئِيءِ ٿِيو (۳۱) ۽ خُدا پاڻ جيڪي پَيدا ڪيو هو تنهِ تي نظر ڪري ڏِٺاءِ
تہ گهڻو چڱو آهي اِئِي سانجهي ۽ صبُوحُ ٿِي ڇهُون ڏِينهُ ٿِئُو ❊

## باب ٻِيو

اِئِي آسمانُ ۽ ڌرتِي ۽ سندنِ سڀيئِي دل پُورا ٿِئا (۲) ۽ خُدا پهنجو ڪمُ
جو پاڻ ٿِي ڪيو سو ستِي ڏِينهِ پُورو ڪيو ۽ ستِي ڏِينه پهنجو سارو ڪمُ جو پاڻ
ٿِي ڪياءِ تنهِ کان وِيسانهو ڪياءِ (۳) ۽ خُدا ستِي ڏِينه کي برڪت ڏِيئِي پاڪ
ٺهرايو سو اِنهِي ڪري تہ اُنهِي ۾ پهنجو سڄو ڪمُ جو پاڻ پَيدا ڪري ٺاهيو
هُئاءِ تنهِ کان وِيسانهِي ڪياءِ ❊

(۴) جنهِ ڏِينهِ خُداوند خُدا ڌرتِي ۽ آسمان جوڙيو تڏهِ اِها آسمان ۽ ڌرتِئِ
جي دور جِي ڳالهِ ٿِي (۵) سڀڪو جهنگ جو سلو اِنهان اڳِي ڌرتِئِ تي نہ
هو ۽ سڀڪا جهنگ جِي ساوڪ بہِ اِنهان اڳِي ڦُٽِي نہ هُئِي ڇوجو خُداوند
خُدا ڌرتِئِ تي مِينهُ ڪِين وسايو هو ۽ ڌرتِئِ تي پوک ڪرڻ لاءِ ڪو ماڻهون بہِ نہ
هو (۶) ۽ ڌرتِئِ کان ماڪ اُٿِي تنهِ ڌرتِئِ جي ساري مُنه تي ريڄُ ٿِي ڏِنو ❊

(٧) ۽ خُداوند خُدا ڌرتِيءَ جي مِٽِيءَ مان ماڻھُوءَ کي جوڙيو سندس نانُسِ ۾
جِياپي جو ساھُ ڦُوڪيو تہ اُھو ماڻھُون جِيندڙُ نفسُ ٿِيو ⁘
(٨) ۽ خُداوند خُدا عدن ۾ اُڀرنديءَ پاسي ھِڪڙو باغُ لايو ۽ آدمُ جو جوڙيو
ھُوائين تنھِ کي اُتي وِھاريائين (٩) ۽ جيڪي وڻ ڏِسڻ ۾ سُھڻا ۽ کائڻ لاءِ عُمدا ۽
جِياپي جو وڻُ جو باغ جي وِچ ۾ ھو ۽ چڱائِيءَ مدائِيءَ جي سمجھ جو وڻُ اِنھنِ
سڀني کي خُداوند خُدا ڌرتِيءَ مان اُپِرايو (١٠) ۽ باغ جي ريج ڏِيڻ لاءِ عدن
کان ھِڪڙي ندي نِڪتي سا ڦٽِي چار مُنھ ٿِي (١١) پھريءَ مُنھ جو نالو پِيسونُ
جو حبِيلي جي سڄي مُلڪ کي ويڙھِيل آھي اُتي سونُ ٿو لڀي (١٢) ۽ اُنھي
مُلڪ جو سونُ تِکو آھي ۽ اُتي موتي ۽ بِلورُ بہ ٿو ٿِئي (١٣) ۽ ٻِئي مُنھ جو
نالو گِيھونُ آھي سو ڪُوش جي سڄي مُلڪ کي ويڙھِيل آھي (١٤) ۽ ٽِئي مُنھ
جو نالو ھِدِيقلُ آھي جو آسُور جي اُڀرنديءَ پاسي ڏانھ ٿو وڃي ۽ چوٿي مُنھ
جو نالو فُرات آھي ⁘
(١٥) ۽ خُداوند خُدا اُنھي آدم کي وٺي عدنِ جي باغ ۾ وِھاريو تہ سنديس
پوکَ ۽ سنڀال ڪري (١٦) ۽ خُداوند خُدا اُنھي آدم کي حُڪُمُ ڏِيئي چيو
تہ باغ جي سڀڪنھِ وڻ مان ڦرُ کائِيندو رھُ (١٧) پر چڱائِيءَ ۽ مدائِيءَ جي
سُڃاڻپ واري وڻ مان نہ کائِجِ ڇوجو جنھِ ڏِينھِ تُون اُنھي مان کائِيندين تہ
جاءِ مرندين ⁘

(١٨) ۽ خُداوند خُدا چيو تہ ماڻھوءَ جو ھيڪلو رھڻُ چڱو نہ آھي سو آءٌ تنھ
لاءِ سندس لائِقُ ھِڪڙي مددِگار ٺاھِيندُسِ (١٩) ۽ خُداوند خدا سڀيئي جھنگ
جا مِرُون ۽ سڀيئي آسمان جا پکي ڌرتيءَ مان جوڙي آدمر وٽِ آندا تہ ڏِسي
جو ھِيءُ تنِ تي ڪِھڙا ناو رکندو پوءِ آدمر جيڪو ڪو سيڪنھِ جِيو جو نالو
رکيو سو تنھِ جو ٿِيو (٢٠) ۽ آدمر مڙنئي ڍورنِ ۽ آسمان جي پکيُن ۽ جھنگ جي
سڀني مِڙُنِ تي ناو رکيا پر آدمر کي پاڻ لائِقُ مددِگارِ ڪا نہ مِلي ؛
(٢١) وري خُداوند خدا آدمر کي ڏاڍي ننڊ ڏِني تہ اُھو سُمھي رھيو تڏھِ
اُنھي تنھِ جي پاسرنِ مان ھِڪڙي پاسري ڪڍي تنھِ بدران ماسُ ڀري ڇڏيو
(٢٢) ۽ خُداوند آدمر کان جا پاسري ڪڍي ھُئي تنھِ مان ھِڪڙي زال جوڙي
آدمر وٽِ آندي (٢٣) ۽ آدمر چيو تہ ھاڻي ھِيءَ مُھنجي ھڏنِ مان ھڏي ۽ مُھنجي
ماس مان ماسُ آھي اِنھي ڪري ھِيءَ نارِ سڏبي ڇوجو نرکان نِڪتي آھي
(٢٤) اِنھي ڪري مڙسُ پھنجي ماءُ پيءُ کي ڇڏي پھنجي جوءِ سان لڳو رھندو
۽ ٻئي ھِڪ تنُ ھُوندا (٢٥) تہ آدمر ۽ جوڻسِ ٻئي اُگھاڙا ھُوا ۽ ڦِڪا ڪِين
ٿي ٿِڏا ؛

## بابُ ٽِيو ٣

تہ جيڪي جھنگ جا مِرُون خُداوند خُدا جوڙيا ھُوا تنِ سڀني کان نانگُ ڏاھو ھو تنھِ ھُن زال کي چيو تہ اِھا سچي آھي ڇا جو خُدا چيو تہ باغ جي

سپنيي وڻن مان نه کائجُ (٢) ۽ زال نانگ کي چيو ته هن باغ جي وڻن جو ڦرُ
ته اسين کائون ٿا (٣) پر جيڪو وڻُ باغ جي وچ ۾ آهي تنهن جي ڦر بابت خُدا
چيو آهي ته اِن مان نه کائجو ۽ ڇُهجوس به نه متان مري وڃو (٤) تڏهن
نانگ زال کي چيو ته اوهين ڪين مرندو (٥) پر خُدا ڄاڻي ٿو ته جنهن ڏينهن
منجهانس کائيندو تڏهن اوهانجيون اکيون اُگهڙجي پونديون ۽ اوهين خُدا وانگر ڀلائي
۽ مدائي کي سڃاڻندڙ ٿيندو ⁘
(٦) پوءِ زال تنهن وڻ کي ڏٺو جو کائڻ ۾ چڱو آهي ۽ ڏسڻ ۾ به سُهڻو آهي
۽ سياڻپ ڏيڻ لاءِ سُهائدو وڻُ آهي سو تنهن جي ڦر کي ڇني کاڌائين ۽ پنهنجي
مُڙس کي به ڏنائين ته اُنهي به کاڌو (٧) تڏهن ٻنهي جون اکيون اُگهڙي پيون ۽
ڄاتائون ته اسين اُگهاڙا آهيون پوءِ انجير جا پن سبي پاڻ لاءِ لنگوٽ جوڙيائون ⁘
(٨) ۽ خُداوند خُدا جو آوازُ ٻُڌائون جو اُهو ٿڌڪار جي مهل باغ ۾ پئي گُهميو
پوءِ آدم ۽ جوڻس خُداوند خُدا جي مُنهن کان پاڻ کي باغ جي وڻن ۾ لڪايو
(٩) تڏهن خُداوند خُدا آدم کي سڏُ ڪري چيو ته تون ڪٿي آهين (١٠) هُن
چيو ته مون تُهنجو آوازُ باغ ۾ ٻُڌو پوءِ ٻِنُس ڇاڪان ته اُگهاڙو هوس تنهن لاءِ
پاڻ کي لڪايم (١١) تڏهن چيائينس ته توکي ڪنهن ٻڌايو جو تون اُگهاڙو آهين
ته جنهن وڻ جي کائڻ کان مون توکي جهليو هو تنهن مان کاڌءِ ڇا (١٢) تڏهن
آدم چيو ته هيءَ زال جا تو مون سان گڏُ ڪئي تنهن مون کي اُنهي وڻ مان

ڏِنو پوءِ مُون کاڌو (۱۳) ۽ خُداوند خُدا زال کي چيو تہ تو هِي ڇاڪيو زال
چَيو تہ مُون کي نانگ ڀُلايو تڏهِ کاڌُمِ ⁘
(۱۴) پوءِ خُداوند خُدا نانگ کي چَيو تو جو هِيءُ ڪيو تنهِ ڪري تُون سڀني
ڍورنِ کان ۽ جهنگ جي مِڙني مِرُنِ کان ڦِٽڪارِئل آهِين سو تُون پيٽ ڀِرِ
رڙهندين ۽ سڄي عُمرِ مِٽي کائيندو رهندين (۱۵) ۽ آءٌ تو ۾ ۽ هِن زال ۾ ۽
تُنهنجي ٻُڻ ۽ هِن جي ٻُڻ ۾ وير وِجهندُسِ تہ اُهو تُنهنجي مٿي کي لتاڙِيندو
۽ تُون هُنجي کُڙِئَ کي ڏنگيندين ⁘
(۱۶) ۽ زال کي چَياءِ تہ آءٌ تُنهنجي حمل ۾ گهڻا سُور وڌائِيندُسِ ۽ تُون سُورنِ
سان وِيامندِئَ ۽ تُنهنجي سِڪ مُڙس ڏانهُ ٿِيندي ۽ اُهو توتي حُڪومت
ڪندو ⁘
(۱۷) ۽ آدمر کي چياءِ تہ تو پنهنجي زال جو چَيو مڃيو تہ جنهِ وڻ کان مُون
تو کي جهليو هو تہ هِن مان نہ کائج تنهِ مان کاڌءِ تنهِ ڪري تُنهنجي ڪارڻِ
ڌرتي ڦِٽڪارِئل آهي تنهِ کان پنهنجي عُمر جا سڀ ڏِينه ڏُک سان کائيندين
(۱۸) سا تولاءِ ڪنڊا ۽ ڪانڊيرِئَ ڄمائيندي ۽ تون ٻنِئَ جو ساڳُ پٽُ
کائيندين (۱۹) تہ جنهِ مِٽِئَ مان نِڪتلُ هُئين موٽي جيسين تنهِ ۾ نہ مِلندين
تيسين پنهنجي مُنه جي پگهر ڪري ماني کائيندو رهندين جو تُون مِٽي آهين
سو وري مِٽِئَ ۾ وِيندين ⁘

(۲۰) ۽ آدم پنهنجي زال جو نانءُ حَوا رکيو ڇاڪاڻ تہ اُها سڀني ساهہ وارن جي
ماءُ هُئي (۲۱) ۽ خُداوند خُدا آدم ۽ سندس زال لاءِ چمڙا وڳا جوڙي تن
کي ڍڪايا ⁘
(۲۲) ۽ خُداوند خُدا چيو تہ ڏِسو ماڻهون چڱائِي مدائِي جي سُڃاڻپ لاءِ
اسان مان هِڪڙي جهڙو ٿيو هاڻي متان اُهو پنهنجو هٿ ڊِگهيڙي جِياپي
جي وڻ مان بہ چُني کائي ۽ سداءِ جِئَرو رهي (۲۳) تنہ ڪري خُداوند خُدا
عدن جي باغ مان هُڪي ڪڍي ڇڏيو تہ جنهِ زمين مان نِڪتل آهي تنهِ
جي پوک ڪري (۲۴) پوءِ تنهِ آدم کي لوڌي ڪڍيو ۽ عدن نالي باغ جي
اُيرندي پاسي ڪروبي ترار جي چمڪندڙ ڇِپڙي سان بِهاريا تہ جِياپي جي
وڻ جي نِگهباني ڪن ⁘

## باب چوٿون ۴

۽ آدم پنهنجي زال حَوا سان گڏ ٿيو تہ اُها پيٽ سان ٿي ۽ قائِن کي ڄڻي
چياءِ تہ خُداوند کان هِڪڙو مرد پرايُم (۲) وري تنهِ جو ڀاءُ هابِل ڄڻياءِ سو
هابِل رِڍن ٻڪرين جو چارڻوارو ٿيو ۽ قائِن ڪُرمي ٿيو ⁘
(۳) ۽ ڪن ڏِينهن کان پوءِ هِيَ ٿيو تہ قائِن ڌرتِي جي پَيدائش منجهان خُداوند
لاءِ نذرانو وٺِي آيو (۴) ۽ هابِل بہ پنهنجي رِڍن ٻڪرين مان پهريتِي ۽ ٿُلِي ٿُلِي